# سنڌي

# سِنڌُو پارَتِي

## درجو اَٺون





شڪشڻ کاتي جو منظور ڪيل نمبر : پر.ش.س ٢٠٠٨-٠٩
منظوري ٥٠٥ (١٠) ٦٠ - تاريخ ٢٩-١٢-٢٠٠٨

# سِنڌوُ ڀارَتيِ

## سنڌيِ

## درجو آٺون

نالو ____________

اسڪول ____________

درجو ________ پارٽ ________

٢٠٠٩

مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پوڻي.

| | |
|---|---|
| پهريون ڇاپو : ٢٠٠٩ | ©مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي ٤١١٠٠٤.<br>مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ رهندا.<br>هن ڪتاب مان ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل جي لکيت ۾ منظوريءَ کانسواءِ ڪڍي نٿو سگهي. |
| سنڌي ڀاشا سمتي : (نيند ڏنل)<br><br>سنيوجڪ<br>(نيند ڏيندڙ) | ڊاڪٽر ديال آشا<br>ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي<br>شري راجڪمار موهناڻي<br>شري دامودار لعلواڻي<br>شري رميش آهوجا<br>شريمتي ميران گدواڻي<br>شريمتي ڪومل جاني<br>شري شوڪمار ڪتري<br>شري ناگراڻي وجيه تلوڪچند (وشيش اڌڪاري سنڌي)<br>مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ منڊل، پڻي. |
| چترڪار | شري بالڪرشن، الهاسنگر |
| ٽائيپ سيٽنگ : | پي - وي پرنٽنگ ائنڊ پبليڪشن الهاسنگر. |
| نرمتي | شري سنجيه ڪامبلي، نرمتي اڌڪاري<br>شري سنديپ آسگانوڪر، سهايڪ اڌڪاري |
| سنيوجڪ : | شري وجيه تلوڪچند ناگراڻي (وشيش اڌڪاري سنڌي) |
| ڪاغذ : | ٦٠، جي. ايس. ايم ڪريم ووه |
| پرڪاشڪ : | شري وويڪ. يو. گوساوي<br>ڪنٽرولر، مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥. |
| ڇپيندڙ : | VIJAY PRINTING PRESS<br>Mumbai - 400 013 |
| ڇپائي آرڊر : | N/Tech/2009-10/ 4000- |

# ڀارت جو سنوڌان

## مُهاڳ

اَسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مُڪمل طور خود مُختيارُ سماجوادي سَرو-ڌرم-سَمَ-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ اُنهيءَ جي سيني ناگرڪن کي،

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راجنيتڪ نياءُ،

ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي،

درجي ۽ موقعي جي سمانتا،

خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ لاءِ

۽ اُنهن سيني ۾ شخصي شوَمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اُکنڊتا جي خاطري ڏيندڙُ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ

اسانجي هن سنوڌان سڀا ۾

اَڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ۱۹۴۹ع جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

# پرتگيا

‘ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوَرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن، مائٽن، اُستادن بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هرڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان ديش ۽ ديشواسين سان سچو رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگي ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.’

# پرستاونا

راشٽريه شڪشا نيتي ۲۰۰۴، موجب مهاراشٽر راڄيه پراٿمڪ ۽ ماڌيمڪ شڪشا جو پاٺيه ڪرم تيار ڪيو آهي. سرڪار طرفان منظور ڪيل سنڌي فرسٽ ۽ سيڪنڊ ٻوليءَ جي پاٺيه‌ڪرم جي آڌار تي مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل طرفان سلسليوار پهرئين ڪان اٺين ۽ پنجين ڪان اٺين درجي تائين سنڌي ڀاشا جا درسي ڪتاب تيار ڪيا پيا وڃن. اُن موجب اٺين درجي لاءِ سيڪنڊ ڀاشا جو سنڌو ڀارتي (سنيڪت) درسي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

غير سنڌي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن لاءِ سيڪنڊ ٻولي سنڌيءَ جي درسي ڪتاب ۾ ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ لياقتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ کي اڀياس جو آڌار بڻايو ويو آهي. اِنهن لياقتن تي مدار رکندڙ اڀياس ڏنو ويو آهي. شاگرد انهيءَ جو استعمال ڪاميابيءَ سان ڪري سگهن، انهيءَ لاءِ اهو روايتي نموني ۾ نه ڏيئي عملي نموني ۾ ڏنو ويو آهي. پڙهڻ پاڙهڻ جي ڪاروائي ٻال مرڪزي ۽ مزيدار ٿئي، اهڙو وشال نظريو ڌيان ۾ رکي ڪتاب کي تيار ڪيو ويو آهي.

هن درسي ڪتاب ۾ ڪن سبقن ذريعي مشغوليون ۽ پروجيڪٽ ڏنل آهن، جن ۾ شاگردن کي ڀهرو وٺڻ جا وجهه ملن ٿا. درسي ڪتاب ۾ عملي ڪم پڻ ڏنو ويو آهي جئين ته شاگرد اُهي استعمال ڪن، ۽ اُن ذريعي وياڪرڻ جي رٿا کي سمجهن. هاڻوڪي ايندڙ وقت جي نرالپ ۽ پسندي شاگردن جي گيان وڌائڻ ۽ وندر جو ذريعو بڻجندي. ڪتاب ۾ شاگردن جي عمر، گرهڻ شڪتي، اڳلي گيان، آزمودن ۽ گهرائي بابت ويچار ڪيو ويو آهي. اِهي ڳالهيون شاگردن جي جگياسا جي ورتيءَ جي پيدا ڪرڻ ۽ اُن جي تسلي ڪرڻ ۾ مددگار ٿينديون.

جاچ پڙتال واري موقعي تي ڪُهرايل نقادن جي راين ۽ سجهاون تي سوچ ويچار ڪري ڪتاب کي آخرين روپ ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب جي لکڻ، سمپادن ڪاريه ۾ سنڌي ڀاشا جي سڏايل ميمبرن ٻوليءَ جي ماهرن ۽ چترڪار جي ڪيل محنت ۽ اورچائيءَ سان هيءُ ڪتاب تيار ٿيو آهي.

( وويڪ. يو. گوساوي)

ڊائريڪٽر (انچارج)

مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي ۳۰.

پُڻي

تاريخ : ۲۹-۱-۲۰۰۹

# فهرست


| نمبر | سبق جو نالو | ڪوي / ليکڪ | صفحو |
|---|---|---|---|
| ۱ | پرارٿنا (بيت) | ڊاڪٽر ديال آشا | 1 |
| ۲ | توري بچت گھڻي راحت | اندرا پوڄواڻي | 4 |
| ۳ | سچي شيوا | ---------- | 8 |
| ۴ | ٻڌيءَ ۾ ٻل | جيوت گوگيا | 11 |
| ۵ | بهار (بيت) | ---------- | 15 |
| ۶ | گھر جي صفائي | ---------- | 17 |
| ۷ | پاڻي غائب ٿي ويو | هونداراج ٻلواڻي | 20 |
| ۸ | اندرا جي راند | ---------- | 24 |
| ۹ | آٿت (بيت) | ---------- | 28 |
| ۱۰ | خطُ | ---------- | 30 |
| ۱۱ | ڪمپيوٽر جي آتم ڪٿا | نند آنند هندوجا | 33 |
| ۱۲ | وڻ پوکيو (بيت) | هوندراج دکايل | 38 |
| ۱۳ | مٽيءَ جو ٻورو | ---------- | 41 |
| ۱۴ | بيربل جي سياڻپ | ---------- | 44 |
| ۱۵ | سنڌُ جي سيتا - مارئي | پوپٽي هيراننداڻي | 49 |
| ۱۶ | نمرتا (بيت) | منوهر ڳوپالاڻي (گلاب) | 52 |

## سبق پهريون

# پِرارٿِنا



ڏي سُمَتِ اَهڙي ڀڳوان،
ڪِريُون هِندُ جو اُوچو شانُ.

۱ - سَچُ ڳالِهايُون، سَچُ وَرِتايُون،
سادو کائُون، سادو پايُون،
پَنهنجا اُوچا خيالَ ٻَڌايُون.
ڪِينَ رَکُون دِلِ ۾ اَيِمانُ،
ڏي سُمَتِ اَهڙي ڀڳوانَ.



٢- ذاتِ پاتِ جو ڀيدُ مِٽايون،
سڀَ کي پنهنجي ڳلي لڳايون.
سچَ جي هرِدَم جوتِ جڳايون.
سدا رَهي قائمُ سوَمان،
ڏي سُمَتِ اَهڙي ڀڳوانَ.

٣- گيتَ پِيارَ جا هرِدَم ڳايون،
رُسي وِيلَ ياڻُرَ پَرچايون،
پِيارَ سان سڀ کي پنهنجو بڻايون.
کَرِيون مُلِڪَ لاءِ جيونُ دانُ،
ڏي سُمَتِ اَهڙي ڀڳوانَ.

نوان لفظ : ************************

سُمَتِ - سُٺي سَمجهه، ٻُڌِي. ڀيدُ - فَرقُ.
اَيمان - وَڏائي، گهمَنڊُ. سوَمان - عِزَتَ.
ڳلي لَڳائڻ - پيارُ ڪَرَڻ.

✦ اَڀياسُ ✦

سُوالُ ١- هيٺينِ جا هِڪَ جُملي ۾ جَوابَ لِکو :-
١- اَسان کي ڪَهڙي جوتِ جڳائِڻُ گُهرجي؟
٢-هردم ڪَهڙا گيتَ ڳائِڻُ گُهرجَنِ؟
٣- مُلِڪَ لاءِ ڇا ڪَرَڻُ گُهرجي؟

سوال ٢- هيٺِيَن سوالَن جا ٻِن ٽِنِ جُملَن ۾ جَوابَ لِکو:

١- اسان کي ڀَڳوان کان ڪَهڙي سُمَتِ گُھرڻ گُھرجي؟

٢- ذاتِ پاتِ جو ڀيدُ ڪيئَن مِٽائي سگهِبو؟

٣- رُسي وِيلَ يارَنَ ڪيئَن پَرِچائي سگهِبا؟

سُوالُ ٣- ڏِنگيُن مان صحيح لَفظَ چُونڊي خالَ ڀَرِيو:

١- ڏي سُمَتِ آهڙي ڀَڳوان، ڪَرِيُون ................ جو
اوُچو شانُ. (هِندُ، سِنڌُ، دُنِيا)

٢- پَنهنجا .......... خِيالَ ٺاهِيُون. (سُٺا، اوُچا، مَهانُ)

٣- .......... جي هردَم جوتِ جَڳايُون. (سَچَ، پِيارَ، دَيا)

سوال ٤- بيت مان هم آواز لفظ ڳولهي ڪڍو :

مثال : ڳايون - پرچايون

سوال ٥ - هيٺيون سٽون پوريون ڪريو :

١- ذات پات جو ........

سدا رهي قائم سومانُ.

٢- گيت پيار جا ........

....... ڪريون ملڪ لاءِ جيون دان.

سوال ٦ - ڏسو ۽ اکرن ۾ لِکو :-



١ ٢ ٣ ٤ ٥

٦ ٧ ٨ ٩ ١٠

* * *

سبق ڇهون

# ٿوري بَچَت گهڻي راحَتَ




سِنڌيءَ ۾ هِڪُ پهاڪو آهي: اُهو ڪي ڪَڄي جو مينهَن وَسَندي ڪَمِ اَچي. اِهو سيکاري ٿو تَہ پَنهنجي ڪَمائيءَ مان ڪُجهہ بَچائي رَکِجي، جو اوکيءَ ويلَ ڪَمِ اَچي. لَکاپَتي ماڻهوُ بہِ جيڪڏهن بَچَتِ نَٿو ڪَري تَہ ڪيسِ ڏُکئي وَقتَ ۾ ڏُکَ ڏِسڻا پَوَنِ ٿا.

اَسان کي ٻِنِ قِسمَنِ جا خَرچَ ڪَرِڻا پَونِ ٿا: پَهرِيون کاڌي پيِتي، ڪَپِڙي لَتي ۽ سامانَ وَغيرهَ تي خرچ ٿئي ٿو، ٻيو شاديءَ غميءَ، سير سَفَرَ ۽ بيماريءَ تي پڻ خرچ ٿئي ٿو. آئِندَهَ جو خِيالُ نَہ رَکندَڙُ اِنسانَ کان تہ ماکيءَ

جي مَکَ ۾ سِياڻي آهي، جيڪا پاڻَ لاءِ ماکيءَ گڏ ڪري رَکَندي آهي.

بَچَتِ ڪَرَڻَ مان ڪيترا فائدا آهن. پهريون تہ بَچَتِ سَبَبِ شاديءَ غميءَ وقت ماڻهوءَ جو هٿُ تنگ نَٿو ٿئي، ٻيو تہ اِنسانُ ”ڪَڏهن ڪَڏهن ۾ پاڪُرَ ۾.“ جيڪَڏهن اوچتو ڏنڊو بيهجي وڃي يا ختم ٿي وڃي تہ بَچَتِ ئي ماڻهوءَ کي تڪِليفَ کان بَچائيندي. تيون ٻُڍاپي جي ڪَشٽن کان بَچَڻَ لاءِ بہ بَچايَلُ پئسو ئي هِڪَ قِسمَ جي ڍالَ ثابتُ ٿئي ٿو. چوٿون بَچَتِ ڪَندڙَ ماڻهوءَ ۾ ڪِفايتَ ڪَرَڻُ، پاڻَ تي ضابطو رَکَڻُ ۽ رِٿا مُوجِبُ ڪاروبارُ هلائڻُ وَغيرَہَ جا گُڻَ پَيدا ٿِين ٿا. جَنهن ماڻهوءَ ۾ بَچَتِ ڪَرَڻَ جي عادَتَ آهي، سو خَرچ ۾ هٿَ ڦاڙُ نَٿو بڻجي.

بَچَتِ گهڻن ئي طَريقَن سان ڪَري سَگهجي ٿي. چوڻي آهي: ”ڦُريءَ ڦُريءَ تَلاءُ.“ ننڍا ٻارَ روزاني خَرچيءَ مان ڪُجهہ بَچائي سَگهن ٿا. زالُون گهروُ خَرچَ ۽ سينگارَ جي خَرچَ ۾ ڪِفايَتَ ڪَري ۽ گهرَ ۾ پيَلَ بيڪارِ شيُوَن وِڪڻي، ڪافي ڪُجهہ بَچائي سَگهن ٿِيُوَن. مَردَ بہ پان ۽ ٻيا فضول خَرچَ ڇَڏي پئسو بَچائي سَگهن ٿا.

اِها بَچايَلَ رَقَمَ، گهرَ ۾ رَکَڻ بَدران سَرڪاريءَ بئنڪ يا پوسٽ آفِيس ۾ رَکَڻ کَپي. جو تہ اُتي چورَ- چَڪارَ جو بہ خَطِرو ڪونہ رَهندو بلڪ رکيلَ رَقَمَ تي وِياجُ پڻَ مِلَندو.

اِها بَچَتِ آهي تہ توري پَرَ اِنَ مان راحَتَ گهڻي مِلي ٿي. اَڄُ ڪَلهہَ جيڪي سياڻا ماڻهوُ آهن. اُن پنهنجن ۽ ٻارَن لاءِ جَمعُ سَرِڪاري بئنڪُن ۾ بَچَتِ جَمع ڪَرائي حوُبُ لابُ وَٺي رَهيا آهِنِ.

نوان لفظَ :- *******************

ڪشت - دک

ڪفايت - بچت

فضول - اَجايو

هٿ ڦاڙ - خرچائو

ڇُڙواڳہ - بنا ضابطي آئينده - اِيندڙ وقت

شادي ۽ غمي ۾ - سکہ دکہ ۾ هٿ مُنجهڻ-پئسي جي تنگي هئڻ

### ✦ اَڀياسُ ✦

سُوالُ ١- هيٺيَن سُوالَنِ جا جَوابَ ڏيو:

١- اَسان کي ڪهڙَن ٻِنِ قِسمَنِ جا خَرچَ ڪَرِڻا پون ٿا؟

٢- بَچَتِ ڪَرَڻَ مان ڪَهڙا ڪَهڙا لابَ آهِنِ؟

٣- بَچَتِ ڪَرَڻَ جا ڪَهڙا ڪَهڙا طَرِيقا ٿي سَگهنِ ٿا؟

٤- بَچَت واري رَقَمَ بئنڪِ يا پوسٽ آفِيسِ ۾ ڇو رَکَڻُ گُهرجي؟

سوال ٢- خال ڀريو:-

١- ٻڍاپي جي ڪشٽن کان بچڻ لاءِ بچايل پئسو ئي هڪ قسم جي .......... ثابت ٿئي ٿي.

٢- ننڍا ٻار .......... مان ڪجهہ بچائي سگهن ٿا.

٣- اُها بچايل رقم سرڪاري بئنڪ يا .......... ۾ رکڻ کپي.

سوال ٣- هيٺيان پهاڪا سمجهايو :

(١) ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ (٢) انسان ڪڏهن پري ته ڪڏهن پاڪر ۾

سوال ٤- هيٺين لفظن جا اُبتي معنيٰ وارا (ضد) ڏيو :

اوڪي - غمي - سياڻو - لاڀ - بچت

سوال ٥- هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو:-

اوڪيءَ ويل ڪم اچڻ، هٿ منجهڻ

سوال ٦ : پڙهو ۽ اکرن ۾ لکو :-

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١١ | ١٢ | ١٣ | ١٤ | ١٥ |
| ١٦ | ١٧ | ١٨ | ١٩ | ٢٠ |

## وياڪرڻ

سوال ١:- هيٺيان جملا ڌيان سان پڙهو:

١- شري جئرامداس آسام جو گورنر هو.

٢- دادا جشن واسواڻي هڪ مهان سنت هو.

٣- ڪوهنور سيني ڪان وڏي ۾ وڏو هيرو آهي.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ جئرامداس مشهور ماڻهوءَ جو نالو آهي ۽ آسام پرانت جو خاص نالو آهي. ٻئي جملي ۾ جشن واسواڻي ڪنهن سنت جو خاص نالو آهي. ٽئين جملي ۾ ڪوهنور هيري جو خاص نالو آهي.

ڪنهن به خاص ساهواري، جاءِ، شيءِ جي خاص نالي کي 'اِسم خاص' چئجي ٿو.

سوال ٢- هيٺين جملن مان اِسم خاص ڳولهي لکو:-

١- رام وڏو ڀاءُ آهي.

٢- ممبئي سمنڊ جي ڪناري تي آهي.

٣- تاج محل سندر عمارت آهي.

سوال ٣- هن سبق مان اِسم عام ۽ اِسم خاص چونڊي لکو:

***

## سبق ٽيون

# سچي شيوا



پرڀاتِ جو وَقتُ هو. اَڃا اوُندهہ هُئي. آتمارامُ پوڄاري هٿ ۾ پوُڄا جيِ ٿالهي جهلي پيئي ويو تہ اوچتو ٿاٻو کاڌائين. پوُڄا جيِ ٿالهيِ سندس هٿن مان ڇڏائِجيِ پَري وَڃيِ پيئي. گُلَ ڦُلَ وَغيرہَ هيڏانهَن هوڏانهَن مِٽيءَ ۾ ڪِريِ پيا. آتمارامَ هيٺ نِهاريو. هُنَ رَستي جي وِچَ تي هِڪُ وَڏو پٿَرُ پيَلُ ڏِٺو. ٻُڙَ ٻُڙَ ڪَري چَيائين، ''ماڻهوُ ڪِهڙا نہَ بي سَمُجهہ آهِنِ. هيڏو وَڏو پٿَرُ رَستي جي وِچَ تي ڪري رکيو اٿَنِ.'' گوپالُ ڪيرَ وارو مَٽي تي کيرَ جي گهاگهرِ کڻي پيئي وِيو. مَنَ ۾ حِسابُ پِئي لڳايائين تہَ اَڄُ کيرَ مان ڪيتري ڪَمائي

ٿيندي. اوچتو پيرَ کي نوڪرِ لڳس. ڪيرَ جي ڳهاڳهرُ
مٿي تان ڪِري پيس. سڄو ڪيرُ هارجي ويس. هوش
سنڀالي هيٺ نهاريائين تہ رستي جي وچ تي هڪ وڏو
پٿرُ پيلُ ڏٺائين. دانهن ڪندي چيائين تہ ”ماڻهو ڪهڙا
نہ بيپرواهہ آهن! ڀلا هيڏو وڏو پٿرُ هيئن رستي جي وچ
تي رکبو آهي!“
اَشوڪُ ۽ پرڪاشُ ڪلهن تي ڪتابن جا ٿيلها
لٽڪائي اسڪولَ ڏانهنُ پئي ويا. اَشوڪُ اڳيان هو. هن
جو پيرُ رستي تي هارِيلَ ڪيرَ ۾ ترڪي ويو. هوُ پٿرَ
مٿان وڃي ڪريو. هوُ پاڻ سنڀالي اُٿي ڪڙو ٿيو تہ
ايتري ۾ پرڪاشُ بہ هن جي نزديڪ اچي پهتو. رستي
تي هاريلُ ڪيرُ ۽ ڳلَ وغيره ڏسي ٻئي سمجهي ويا تہ
ڪانئن اڳہ بہ ڪن ٻين ٿاٻا کاڌا آهن.
اَشوڪَ ۽ پرڪاشَ ڪلهن تان ڪتابن جا ٿيلها لاهي
هيٺ رکيا. پوءِ ٻنهي گڏجي اُهو پٿرُ رستي جي وچ تان
هٽائي پري ڪيو. ايتري ۾ هنن جو ماسترُ صاحبُ بہ
اچي اُتان لنگهيو. هن پريان ايندي اَشوڪ ۽ پرڪاشَ کي
پٿرُ هٽائيندو ڏٺو هو. رستي تي پيلَ ڳلَ ۽ هارِيلُ ڪيرُ بہ
ڏٺائين. سڄي ڳالهہ سمجهي ويو. اَشوڪَ ۽ پرڪاشَ کي
شاباس ڏنائين. ڪين چيائين تہ اِهائي سچي شيوا آهي.
ڏسو، پوڄاريءَ ڪيرَ واري جو نُقصانُ ٿيو تہ بہ پٿرُ
ڪونہ هٽايائون. توهان ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيو، ٻين
جي ڀلائي ڪرڻُ ئي سچي شيوا آهي.

**لَفِظَن ۽ اِصطلاحَن جي معنيٰ:** ************

**هوشُ سَنڀالِڻُ - خَبَرِدار ٿيڻ.  نَزديڪ - ويجهو.**
**بيپَرواه - لاپَرِواهَ.  ڪَڙو ٿِيڻُ - اُٿي بيهَڻُ.**
**شاباسِ - ڏَنِيواد.  هٽايو - پَري ڪَيو.**

## ✦ اَڀياسُ ✦

**سُوالُ ١- هيٺِيَن سُوالَن جا جَوابِ لِکو:-**

١- آتمارام پُوڄاريءِ جي ٿالهي جو ڪِري پيئي؟
٢- آتمارامَ پوڄاريءَ پُٺِ پُٺِ ڪِندي جا چَيو؟
٣- گوپالَ جو ڪَهڙو نُقِصانُ ٿِيو؟
٤- گوپالَ رَستي تي وَڏو پَٿَرُ پِيَلُ ڏِسي جا چَيو؟
٥- ماسترَ، اَشوڪَ ۽ پِرڪاشَ کي شاباسِ چو ڏِنيِ؟
٦- هِنَ سَبَقَ مان تَوهان کي ڪهڙي سِکِيا ٿي مِلي؟

**سوال ٢- هيٺيين ۾ خال ڀريو:-**

١- هيڏو وڏو ......... رستي جي وچ تي رکيو اٿن.
٢- ......... وغيره هيڏانهن هوڏانهن متيءَ ۾ ڪري پيا.
٣- سڄو ......... هارجي ويس.
٤- ٻين جي ڀلائي ڪرڻ ئي ......... آهي.

**سوال ٣- هيٺيان لفظ ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن:-**

١- ”ماڻهو ڪهڙا نه بي سمجهه آهن.“
٢- ”ماڻهو ڪهڙا نه بي پرواهه آهن.“
٣- ”توهان ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيو.“

**سوال ٤- ضد ڏيو:-**

وڏو، ڀلائي، نقصان، هيٺ.

***

# سبق چوٿون

## ٻڌيءَ ۾ ٻَلُ



هِڪَ جهنگَلَ ۾ ٻہَ مَتارا ڍَڳا رَهندا هُئا. اُهي پنهنجيءَ طاقَتَ جي نَشي ۾ هِڪَ ٻِئي کي ڏِٺو ٻہ نہ سَهَندا هُئا. هِڪَ دَفعي ٻَنَ ۾ سائو گاهُ کائيندي اُچي پاڻَ ۾ اَٽِڪِيا. هِڪَ ٻِئي کي زوردارُ ٽوُٽا هڻڻِ لڳا. ٽوُٽا هڻندي سَندَنِ سِڱَ هِڪَ ٻِئي ۾ اَٽڪي پِيا.

هاڻي هِرَڪو ڍڳو زورُ آزمائي ڪَري هِڪَ ٻِئي کي ڪيرائِڻَ جي ڪوشَشِ ڪَرَڻُ لڳو.

ايتري ۾ پري کان هِڪَ شِينهَن جي گجگوڙَ ٻُڌائون. شِينهَن جي ڏَپَ کان هِنَنِ ٻِنهي ڍَڳَنِ کان پاڻَ ۾ لَڙَڻُ

وسري وِيو. سَندنِ ساههُ مُٺِ ۾ اَچي وِيو. هرِ ڪَنهنکي اَچي پَنهنجي جانِ بَچائِڻَ جي لڳي. پَرَ سَندَن سِڱَ پاڻَ ۾ اَٽڪيلَ هئا. اِن ڪَري هِڪَ ٻِئي کان اَلڳ ٿيِ نَٿي سگهِيا. شينهُن بہِ گهجگوڙَ ڪَندو سَندَن ويجهو اَچي پهتو.

اُن وَقتِ هِڪَ ڍڳي ٻِئي کي چيو، ''اَدا، پَنهنجي بيوقُوفيِ جي ڪري اَڄُ ٻيئي ڄڻا هِنَ شينهَن جو لَقِمو ٿا بڻجُون.''

ٻِئي ڍڳي جَوابُ ڏِنُس، ''پيارا! مان پاڻَ اِئين مَحَسوُسُ ڪَري رَهيو آهيان. پاڻَ ۾ وِڙهڻَ جو اِجهو اِهو ڦَلُ تو مِلي، جو اَسِين اَڄُ شينهن جو شِڪارُ ٿا بڻجُون. پَرَ هاڻي ڇا ٿئي؟ سِڱَ بہِ تہَ جُدا نَٿا ٿِيَنِ، جو ٻيئي گڏجي شِينهَن جو مُقابلو ڪَرِيُون.''

ايتري ۾ شينهَن اَچي هِڪَ ڍڳي کي پُٺيءَ تي زوردارُ چَنبو هنيو. چنبي لَڳَڻَ ڪَري اُهو ڍڳو ڪُجھہ هيٺِ جُهڪِيو ۽ مُڙيو. اِنَ ڪَري ٻنهي ڍڳنِ جا سِڱَ هِڪَ ٻِئي کان جُدا ٿي ويا.

پوءِ ٻِنهِي ڍَڳنِ هِمَتَ ڪندي گڏجِي شِينهَن تي سِڱنِ سان زوردارُ حَمِلو ڪَيو. شِينهَن جُون پاسِريُون ئي ڀَڃِي ڇَڏِيائُون. شينهن پَنهنجي جانِ بَچائِڻَ لاءِ پُڇُ پائي وَنيِ ڀَڳو. اَهِڙِيءَ طَرَحَ ٻِنهِي ڍڳنِ پاڻَ ۾ ٻَڌي ڪري شِينهن کان پاڻَ کي بَچائي وَرِتو تڏهن چوندا آهِنِ تہَ ''ٻَڌيءَ ۾ ٻَلُ آهي.''

اُنَ ڏينهَن کان وَني ٻِنهي ڍَڳنِ پاڻَ ۾ وِڙهڻُ ڇَڏي ڏِنو. هوُ هاڻي دوستَنِ ۽ ڀائرن وانگرُ ساڳِئي جهنگَلَ ۾ شانتيءَ سان رَهڻَ لڳا.

## لَفظَنِ ۽ اِصطَلاحَنِ جيِ مَعنيٰ : *************

مَتارا - ٿُلها. ڏِنو بہِ نہَ سَهَڻ - سَخِتُ نَفرتَ ڪَرَڻُ.
اَنڪيا - وِڙِهيا. جانِ - حَياتي. لُقِمو - ڪاڄُ.
قُلُ - نَتِيجو ملڻ. پُڇُ پائي ڀڄڻ - ڪانِئَرَن وانگر ڀَڄَڻُ.

### ✦ اَڀياسُ ✦

سوال ١- هينيَنِ سوالَنِ جا جَوابَ ڏِيو:-

١- ٻِنهي ڍَڳَنِ جا سِڱَ هڪَ ٻِئي سان ڇو اَنڪيِ پيا؟
٢- ڍَڳَنِ جو ساهُ مُٺِ ۾ ڇو اَچي وِيو؟
٣- ڀِرِئين ڍڳِي ٻِئي ڍَڳِي کي ڇا چَيو؟
٤- ٻِنهيِ ڍَڳَنِ جا سِڱَ هڪ ٻِئي کان جُدا ڪئين ٿِيا؟
٥- شِينهُن پُڇُ پائي ڇو ڀَڳو؟

سوال ٢- هينيَنِ جُملَن ۾ صحيح لَفِظَ چُونڊي خالَ ڀَرِيو:-

١- هِڪَ جهَنگَلَ ۾ ٻہَ .......... ڍڳا رَهندا هُئا.
(ٿُلها، سَگهارا، مَتارا)

٢- ٻَري کان هِڪَ شِينهَن جي .......... ٻُڌائُون.
(دانهن، رَڙِ، گَجگوڙ)

٣- شِينهَن اَچي هِڪَ ڍڳِي کي ٻُنيءَ تي زوردار .......... هَنيو. (چَنبو، ڏڪُ، ٽوُٽو)

٤- شِينهَن جوُن .......... ئي ڀَڄي ڇَڏِيائُون.
(ٽنگوُن، پاسِريون، ڏَندُون)

سوال ٣- هينيَنِ لَفِظَن جا اُبتيءَ معنيٰ وارا لَفِظَ (ضِدَ) لِکو:-

اَلڳِ - ويجهو - بيوَقوُفيِ - هيٺِ - شانتي

سوال ٤- هينيان اصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو:-

پاڻ ۾ اٽڪڻ، ساهه مٺ ۾ اچڻ، لقمو بڻجڻ، مقابلو ڪرڻ.

سوال ۵- (الف) هيٺيان انگ لفظن ۾ لکو:-

۲۱ ۲۲ ۲۳ ۲۴ ۲۵

۲۶ ۲۷ ۲۸ ۲۹ ۳۰

(ب) هيٺين لفظن جا انگ لکو:-

ايڪٽيھه، ٻٽيھه، ٽيٽيھه، چوٽيھه

پنجٽيھه، ڇٽيھه، ستٽيھه، اٺٽيھه،

اُڻيتاليھه، چاليھه

مشغولي :- ماسٽر صاحب ٻارن کان پالتو ۽ جهنگلي جانورن جا چارٽ تيار ڪرائي.

## وياڪرڻ

هيٺيان جملا ڌيان سان پڙهو-

۱- ايمانداري سٺو گڻ آهي.

۲- گانڌيجي اهنسا ۾ وشواس رکندو هو.

۳- ديا ڌرم جو بنياد آهي.

مٿين جملن مان پهرئين جملي ۾ 'ايمانداري'، ٻئي جملي ۾ 'اهنسا' ۽ ٽئين جملي ۾ 'ديا' گڻ ڏيکاريندڙ لفظ آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن، پر اِهي محسوس ڪري ٿا سگهجن. انڪري انهن کي 'اسم ذات' چئجي ٿو.

هيٺين جملن مان اِسم خاص، اِسم عام ۽ اِسم ذات چونڊيو :

۱- مهيش ڪلاس جو مانيٽر آهي.

۲- ايمانداري ۽ سچائي اِنسان جا گُڻ آهن.

۳- شينهن، هاٿي ۽ لومڙ وغيره جهنگلي جانور آهن.

۴- اَميريءَ ۾ ايمان نه ڪري.

۵- غريبيءَ ۾ غم نه ڪر.

***

# سبق پنجون

## ٻَهارُ




کوئل مِنَڙي لاتِ سُڻائي،

بهارَ آئي ٻَهارَ آئي!

۱- وَهه واه! وَڻَ ٻوٽا ٿِيا ساوا،

لامُنَ تي ڪچڙا پَنَ جاوا،

هِتي هُتي ڏِسُ سونهن سوائي،

بهارَ آئي بهارَ آئي!

۲- باغنِ ۾ بيحد گُلزاري،

ٻهڪي تي ڦلواڙي ساري،
ڀنورُ ڏئي گُلَ کي واڌائي،
بهارَ آئي بهارَ آئي!

٣- فصُل پڪا، سنگہ بہ ٿيا سونا،
هاريِ ناريِ ٿيا بي اونا،
ڇانئي گُهرَ گهرَ ۾ سرهائيِ
بهارَ آئي بهارَ آئي!

نوان لفظَ : ********************

لاتِ - مِٺو آوازُ. لامَ - سنهيِ ٽاريِ
سوائي - سَرسُ ٻهڪڻُ - ٽِڙڻُ، چمڪڻ
بي اونا - بي فِڪرُ سُرهائي - خوشيِ

✦ اَبياسُ ✦

سُوالُ ١- هيٺيَنِ سُوالَن جا جَوابِ لِکو:-
١- ڪوئل ڇا تي سُٺائي؟
٢- بهار ۾ وڻن جي لامُنِ تي ڇا ٿو پيدا ٿئي؟
٣- بهار جي موسم اچڻ سان باغن ۾ ڇا ٿو ٿئي؟
٤- هاريِ بهارَ جي مُندَ ۾ بي اونا ڇو ٿا ٿين؟

سوال ٢- هيٺيَن سٽنِ ۾ برابر لاءِ 'ها' ۽ غلط لاءِ 'نہ' لکو:
١- ڪوئل اونهاري ۾ مِٺيون لاتيوُن لِنوي ٿي.
٢- بهارَ جي مُند ۾ ڀنورُ گُلَ کي واڌايوُن ڏئي ٿو.
٣- بهار جي موسم بي-مزي ٿئي ٿي
٤- سِيارو بَهارَ کان وڌيڪ وڻندڙُ ٿئي ٿو.

مشغولي :
سوال ٣- بهارَ جي موسُم تي ننڍڙو مضموُن لکو. ***

# سبق ڇھون

## گھر جي صفائي



اَنِيتا:- ٻَبِيتا، گھڻن ڏِينھَنِ کان پوءِ آئي آھين، خوشِ تہَ آھين؟

ٻَبِيتا:- ھا، اَنِيتا، تُنھنجو گھرُ تہَ ڏاڍو سُھڻو پِيو لَڳي! اَسان جو گھرُ تَمامُ وَڏو آھي. چارِ ڪَمِرا ۽ ھِڪُ وَڏو ھالُ آھي. سَڀني ڪَمِرَن ۾ قِيمتي سامانُ پِيَلُ آھي. پَلنگ، ڪَٻَٽَ ۽ آرِسِيُوُن آهِنِ. فَرِشَ تي گَلِمَ، غالِيچا وِڇايَل آهِنِ. تُنھنجي گھرَ ۾ تہ ڪو غاليچو بہِ ڪونھي، پوءِ بہ تُنھنجو گھرُ ڏاڍو وَڻي پِيو، تَمامُ صافُ سُٿِرو پِيو ڏِسِجي.

اَنِيتا:- ھا! ٻَبِيتا، اَسان جي گھرَ ۾ بَرابَرِ ٿورو سامانُ آھي.

جيترو ضروري آهي، اوترو ئي آهي. ٻي ڳالهہ تہ
هر ڪا چيز پنهنجي جاءِ تي رکيل آهي. ڪابہ چيز
وچ تي ٽڙيل پکڙيل ڪانهي. اِن ڪري ئي توکي
مُنهنجو گهرُ وڻي ٿو. اَڄ تہ مان توکي پنهنجو
رَنڌڻو بہ ڏيکاريان.

ٻبيتا:- اَنيتا، توهان وٽ ڪهڙي مائي ڪَمُ ڪندي آهي؟
اَسان جي نوڪرياڻي تہ برتن اهڙا صافُ ڪانہ
ڪندي آهي.

اَنيتا:- ٻبيتا، اَسان وٽ ڪابہ مائي ڪانهي. اَسين گهرَ جو
سمورو ڪمُ پنهنجن هٿن سان ڪندا آهيون. اَمان
برتن ڌوئندي آهي. مان اُهي ڪپڙي سان اُگهي
صافُ ڪندي آهيان. دادا ۽ مُنهنجو ڀاءُ بہ گهرَ جي
ڇنڊ ڦوڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن. هفتي ۾ هڪ
دفعو فرشُ بہ صابڻ سان ڌوئندا آهيون.

ٻبيتا:- مون کي تہ اِهو سڀُ ڪمُ ڪرڻ ۾ لڄ ايندي آهي.

اَنيتا:- پنهنجو ڪمُ ڪرڻ ۾ لڄ ڇا جي؟ هٿ ڪم ڪرڻ
لاءِ مِليا آهن. هٿن سان ڪمَ نہ ڪرڻ ۾ ئي لڄ
اَچڻ گهرجي.

ٻبيتا:- ها، اَنيتا، تون بلڪل سچ ٿي چوين. اَڄ کان مان بہ
ڪُوڙي لڄ ڇڏينديس، پنهنجي گهرَ جو ڪم
پنهنجن هٿن سان ڪنديس.

اَنيتا:- ڏاڍو مزو ايندءِ. ڪمَ ڪرڻ سان صحت بہ سُٺي
ٿيندءِ.

## ✦ اَڀياسُ ✦

سُوالُ ١:- هيٺين سُوالَنِ جا جَوابَ ڏيو:

١- ٻٻيتا جي گهر ۾ ڪهڙو سامانُ هو؟

٢- اَنيتا جو گهرُ سَدائين صافُ ڇو ڏِسبو هو؟

٣- ٻٻيتا جو گهرُ اَهڙو صافُ ڇو نہ ڏِسبو هو؟

٤- اَنيتا جي گهر جا ٿانوَ وَڏيڪ صافُ ڇو هوندا هئا؟

٥- ٻٻيتا، اَنيتا مان ڪَهڙو سَبَقُ پِرايو؟

سُوالُ ٢- هيٺ ڏِنَلَ جُملا برابر هُجَنِ تہ (✓) نِشان ڪَرِيو. جي غَلَط هُجَنِ تہ (✗) پايو.

١- ٻٻيتا جو گهرُ تمام صافُ سُٺرو پئي لڳو. (......)

٢- اَنيتا جي گهرَ ۾ هرڪا چِيزَ پَنهنجي جاءِ تي رَکيَل هئي. (......)

٣- اَنيتا جي گهرَ ۾ ڪَمَ ڪَرَڻَ لاءِ مائي هوندي هُئي. (......)

٤- ٻٻيتا کي هٿَنِ سان ڪَمَ ڪرڻَ ۾ لڄَ ايندي هُئي. (......)

٥- ڪَمَ ڪَرڻَ سان صِحَتَ ٺهي ٿي. (......)

سُوالُ ٣- هيٺيان لَفظَ جُملَنِ ۾ ڪَمَ آڻيو :

صاف، لڄَ، غاليچو، ٽِڙيَلَ - پکڙيَلَ، چِيزَ

> **وياڪرڻ**
>
> هيٺين جملن مان ضمير چونڊي لکو:-
>
> ١- اسين روز پنهنجا ڏند صاف ڪندا آهيون.
>
> ٢- ڇا، اوهين ممبئيءِ ايندا؟
>
> ٣- هن زور سان ڏڪ هنيو.
>
> ٤- تون پل لغز اُڏاءِ.

***

## سبق ستون

# پاڻي غائبُ ٿي ويو!



هِنَ سال چوماسي ۾ خوب بَرساتِ پيئي. نگرَ جا سَڀ نالا ۽ تلاءَ پاڻيءَ سان ڀَرجي ويا. اَنيلَ جي گهرَ ڀِرسان هيناهينءَ زَمِينَ تي هِڪُ ننڍڙو تلاءُ ٺهي وِيو. ڪِلاسَ ۾ داديءَ ڪاغذَ جي ٻيڙِي ٺاهڻُ سيکاري هئي. اَنيلَ بہ هِڪَ ٻيڙِي ٺاهي، ننڍڙي تلاءَ ۾ ترڻَ لاءِ ڇڏي. هوا جي زورَ تي اُها ٻيڙِي اِئين پئي هلي، جئن اَصلي ٻيڙِي نديءَ ۾ هلندي آهي. ٻيا ٻارَ بہ ننڍڙيوُنِ ٻيڙيوُن ٺاهي تلاءَ ۾ هلائڻ لڳا. پاڻ ۾ شرطوُن ڪڇائڻ لڳا. سيني ٻارن کي ڏاڍو آنند پئي آيو.

اَنيلَ جي پيءُ کي اَچانڪ هِڪَ ڏينهنُ ضروري ڪَمَ

سان ٻاهر وڃڻو پيو. اَنيلُ بہ پنهنجي پيءُ سان گڏ ويو.

ڪُجهہ مهنن ڪانپوءِ اَنيلُ ۽ سندس پِتا واپس گهر آيا. اَنيل کي اَڃا اُهو ننڍڙو تلاءُ يادِ هو. پنهنجي گهر پهتو ئي مَس تہ يڪدم ڪاغذ جي ٻيڙي ناهڻ جي ڪم کي لڳي ويو. ٻيڙِي ناهي، يڪدم گهر جي پُٺئين پاسي ڀڳو. پر اَنيلُ عجب ۾ پئجي ويو. هُنَ ڏِٺو تہ اُهو ننڍڙو تلاءُ هو ئي ڪونہ. سوچڻ لڳو تہ تلاءَ جو پاڻي ڪيڏانهن غائبُ ٿي ويو! تلاءُ ڪيئن سُڪِي ويو؟ اُداس مَنَ سان هوُ ٻيڙِي اُتي ئي ڇڏي پنهنجي گهر واپس آيو. سندسِ پِتا هن کي اُداس ڏسي، اُن جو ڪارڻ پُڇيو.

انيلَ چيو، ''دادا، اَسان جي گهر پُٺيان جيڪو ننڍڙو تلاءُ هو، اُهو الائجي ڇو سُڪي ويو آهي. مان اُن ۾ ٻيڙي هلائڻ ويس، پر سُڪل ڏسي موٽي آيس. اڳہ هيڏو پاڻي هو، اُهو ويو ڪيڏانهن؟''

انيل جي پِتا کلندي چيو، ''اُهو سمورو پاڻي تہ سوُرجُ چورائي ڪڍي ويو؟.''

''سوُرجُ! اِهو وري ڪيئن؟'' اَنيل کي ڪُجهہُ سمجهہ ۾ نہ آيو. تنهن تي پِتُس سمجهايس. ''ڏِس پُٽَ، ندين ۽ تلاوَن وغيره جو پاڻي سِجَ جي تپت تي ٻڦارُ ٻڻجي، مٿي اُڏامي ويندو آهي. اَڄُ تہ مان توکي هِڪ مزيدار ڳالهہ ڏيکاريان.''

اِئين چئي، انيل جي پيءُ زنڌڻي مان بہ پليٽوُن آنديوُن. ٻنهي ۾ هِڪُ هِڪُ چمچو پاڻيءَ جو وڌائين. اُن

وقت ٻاهر اُس هئي. هڪ پليٽ اُس ۾ ۽ ٻي پليٽ ڇانوَ ۾ رکيائين. انيل کي چيائين، ”هينئر ڪُجهه دير ڪانپوءِ وري پليٽُن کي جاچيندا سين.“

ڪُجهه وقتُ گذرڻ بعد انيل جي پيءُ چيو، ”ڏِسُ پُٽَ! سِج جي تپت ڪارڻ اُسَ ۾ رکيل پليٽ جو پاڻي جلدي ٻُخارُ بڻجي اُڏامي ويو. پر ڇانوَ ۾ رکيل پاڻي اِئين ئي پيو آهي. سج جو اِهو ڪمُ سدائين پيو هلي. سج جي تپت جيتري وڌيڪ هوندي، پاڻي بہ اوترو ئي جلد ٻخار بڻجي ويندو. اسان جڏهن ٻئي شهر هلياسين تہ برسات بند ٿي ويئي هئي ۽ اُس نِڪرڻُ شروع ٿي ويئي هئي. اُس جي ڪارڻ پاڻي بہ ٻخار بڻجي اُڏامي ويو ۽ ننڍڙو تلاءُ سُڪي ويو.

انيل کي هينئر سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي. پڻس چيو، ”گهٻراءِ نہ پُٽ، اِجهو ٿورن ڏينهن ۾ وري برسات وسندي، تلاءِ نهندا پوءِ موج سان ٻيڙيون هلائج.“

**نوان لفظ :** ***********************

اصلي - سچو. اچانڪ - اوچتو. تپت - گرمائش. موسم - مند. عجب ۾ پوڻ - حيرت ۾ پوڻ. ٻخر ٿيڻ - ٻاڦ ٿيڻ

سُوالُ ۱:- هيٺِين سُوالَنِ جا جَوابَ ڏِيو:

۱- ٻارن کي کهڙيءَ ڳالهہ جي ڪري آنند پئي آيو؟

۲- انيل اُداس ڇو ٿي ويو؟

۳- پاڻي ڪيئن اُڏامي ويندو آهي؟

۴- انيل کي پڻس کهڙو آڌتُ ڏِنو؟

سُوالُ ٢- هيٺين ۾ خال ڀريو :

١- اِهو سڄو پاڻي تہ ...... چورائي ڪڍي ويو.
٢- ائين چئي انيلَ جي پيءُ ...... مان بہ پليٽون آنديون.
٣- پليٽ جو پاڻي جلد ئي ...... ٻڌي اُڏامي ويو.

سوال - ٢ هيٺين لفظن جا ضد ڏيو :

نندڙو - اصلي - ناھڻ - سُڪل - ڇانوَ

## وياڪرڻ

هيٺين جملا ڏيان سان پڙهو :

١- ڪچا ڪيلا نہ کاءُ.
٢- نيري آسمان ڏانهن نهار.
٣- سلڇڻو ٻار سڀني کي وڻي ٿو.
٤- رام امتحان ۾ پهريون نمبر آيو.
٥- هن سمورا پئسا خرچ ڪري ڇڏيا.
٦- هڪ رپئي ۾ سو پئسا ٿيندا آهن.

مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ، اِسم ۽ ضمير جي خاصيت، گڻ، مقدار يا عدد ڏيکارين ٿا. اهڙن لفظن کي وياڪرڻ ۾ 'صفت' چئجي ٿو.

سوال ١- هيٺين جملن مان صفت ڳولهي لکو.

١- هي ڪچا صوف آهن.
٢- سوڙهيءَ گهٽيءَ مان لنگهڻ ڏکيو آهي.
٣. بيربل سياڻو وزير هو.
٤. مسخرو، مزيدار ماڻهو هو.
٥. هفتي ۾ ست ڏينهن ٿيندا آهن.

***

# سبق اَٺون

## اندرا جي راند

(اندرا گانڌيءَ جي ٻال ڪهاڻي، سندس لفظن ۾)




ننڍپڻ ۾ مون به گڏين راند ڪئي هئي. مان گهڻو ڪري گهر ۾ اڪيلي هوندي هئس. منهنجي گهر جا سڀ ڀاتي ديش جي آزاديءَ لاءِ گهڻو ڪري جيل ۾ پيا ايندا ويندا هئا. گهر ۾ منهنجيءَ سنڀال لاءِ هڪڙي نوڪرياڻي مقرر ڪيل هئي. منهنجي گهر ''آنند ڀون'' ۾ ڏڻن تي خوب چهل پهل هوندي هئي. مون کي نوان ڪپڙا پهرايا ويندا هئا. منهنجو ڏاڏو گهر ۾ ايندڙ مهمانن سان منهنجي واقفيت ڪرائيندي مونکي پوتي چوڻ بدران پوٽو چوندو هو.

مونکي ياد آهي تہ انگريز سرڪار جا ڪجھہ
پوليس وارا هڪ ڏينهن منهنجي گھر جي ٻاهران باغ ۾
آيا ۽ اُنهن جي بوٽن هيٺان باغ جي گلن جا ٻوٽا
ڏبجي خراب ٿي پيا. پوليس ڏاڏي ۽ پيءُ کي بہ
پڪڙي ويئي. گرميءَ جي مُند هئي. جڏهن منهنجو
پيءُ ۽ ڏاڏو جيل ۾ هئا منهنجي نوڪرياڻي کونگھرا
پيئي هٽندي هئي. مان هيڏي ساري گھر ۾ پاڻ کي
اڪيلو محسوس ڪندي هئس، پر تورن ڏينهن ۾
منهنجي اڪيلائي گم ٿي ويئي، ڇو تہ مون پنهنجي
ڪمري ۾ گھٽيئي گڏا گڏيون گڏ ڪيون هيون ۽ مون
وٽ طرح طرح جون گڏيون هيون. ڪي بلڪل پراڻي
زماني جون ۽ ڪي نئين زماني جون. انهن کي
رنگبرنگي ڪپڙا پھريل هئا. ان وقت اهي گڏيون مونکي
ڏاڍيون وڻنديون هيون ڇو تہ مونکي ننڍيءَ عمر جي
ننڍي ڇوڪري ڇئي سَتياگرِهَ ۾ ڀرو ونڻ نہ ڏنو ويندو
هئو، انڪري مان پنهنجي گڏين جي راند ۾ اڌ گڏين
کي ”غلام هندستان جا ماڻھو“ ناهي، اُنهن کي وچ ۾
ڪري باقي گڏين کي انگريزي فوج جا سپاهي ناهيندي
هئس. اُهي گھيريل ماڻھن سان ظلم ڪندا هئا ۽
هندستاني وري اُنهنجو مقابلو ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح
منهنجي وري گڏين جي راند ٿيندي رهندي هئي.

ڪڏهن مان اڪيلي سر گڏن گڏين جي شادي
ڪندي هئس. هڪ رانديڪي جي گھوڙي تي گڏو گھوٽ

جي روپ ۾ وهاريندي هئس. گهوڙي اڳيان ٻئنڊ وارا ۽ پٺيان ڇاڇي هوندا هئا ۽ ساهيڙين جي وچ ۾ لڄ ۽ شرم کان منهن ڍڪيل ڪنوار.

ڪڏهن گڏين جو جلوس بہ ڏاهيندي هئس ۽ ڪنهن گڏي جي هٿ ۾ ترنگو جهنڊو ڏيندي هئس، جو پني جو ڏاهيندي هئس. اُهو گڏو ''ڀارت ماتا جي جئہ'' چوندڙ لڳندو هو.

گڏين جي هيءَ راند نہ فقط منهنجي اڪيلائيءَ کي دور ڪندي هئي پر منهنجيءَ وندر سان گڏو گڏ اڻڄاڻائيءَ ۾ انگريزن لاءِ نفرت ۽ بغاوت منهنجي من ۾ پڪي ٿيندي وئي.

✦ اَڀياسُ ✦

سوال ۱- هيٺين جا جواب لکو :-

(۱) آنند ڀون جي باري ۾ ڇا پڙهيو آهي؟

(۲) پوليس وارا ڇو آيا ۽ ڇا ڪيائون؟

(۳) اندرا گڏين جي راند ڪيئن کيڏندي هئي؟

(۴) گڏن، گڏين جي راند جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو هو؟

سوال ۲- هيٺين ۾ خال ڀريو:-

(۱) گهر جا سڀ ڀاتي ديش جي .... لاءِ گهڻو ڪري ....... ۾ پيا ايندا ويندا هئا.

(۲) مون وٽ طرح طرح جون گڏيون هيون. ڪي بلڪل پراڻي ...... جون ۽ ڪي نئين ..... جون.

(۳) گهوڙي تي گڏو ...... جي روپ ۾ ويهاريندي هئس.

(۴) ڳڏي جي هٽ ۾ ........ جهنڊو ڏيندي هئس.

سوال ۳ (الف) - هيٺيان انگ اکرن ۾ لکو:-

۴۱، ۴۲، ۴۳، ۴۴، ۴۵، ۴۶، ۴۷، ۴۸، ۴۹، ۵۰

(ب) هيٺيان اکر انگن ۾ لکو:-

ايڪونجاهہ، ٻاونجاهہ، ٽيونجاهہ، چوونجاهہ، پنجونجاهہ، ڇاونجاهہ، ستونجاهہ، اٺونجاهہ، اٺهٺ، سٺ.

## وياڪرڻ

هيٺيان جملا ڌيان سان پڙهو :

۱- سڄ صبح جو اُڀري ٿو.

۲- ڪُمي آهستي هلي ٿي.

۳- ٿورو مٿي چڙهہ.

۴- دامودر ڪونہ ايندو.

پهرئين جملي ۾ ’صبح‘ لفظ وقت جي ڄاڻ ڏئي ٿو. ٻئي جملي ۾ ’آهستي‘ لفظ ڪميءَ جي هلڻ جي ريت ٻڌائي ٿو. ٽئين جملي ۾ ’مٿي‘ لفظ جاءِ جي لاءِ ڄاڻ ڏئي ٿو. چوٿين جملي ۾ ’ڪونہ‘ لفظ مان ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي.

جن لفظن مان وقت، جاءِ، ريت، قدر، ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي تنهن کي ’ظرف‘ ڪري چئبو آهي.

هيٺين جملن مان ظرف ڳولهي لکو.

۱- شام جو سڄ لهي ٿو.

۲- ڦٽاڪن ٻرڻ سان زوردار ٺڪاءُ نڪتو.

۳- اسان هيٺ ماڙيءَ ۾ نهاريو.

۴- مهيندر پڪ ايندو.

***

## سبق نائون

## آٿُ



ايِ راهي غمُ نہ ڪرِ، نيٺِ سويرو ايندو!
ڏُکُہ آ، سکہ يي ايندو، ڏيرجَ ۾ سڀُ ٿيندو.
نيٺ سويرو ايندو ....

۱- رات اونداهي رهندي ڪيسين! رهندي ڪيسين؟
چٺن ڏسائن ۾ هوءَ، اوُنڌهِ ڏيندي ڪيسين؟
نيٺِ تہ سوُرجَ جو ڪرڻو ڪارنهن ڪاري ڪٽيندو.
نيٺ سويرو ايندو ....

٢- تارن ڏي ڏسُ ڪيئن ٽا ٽمڪن، خوبُ ٽا ٽمڪن.
سڏي سڏي هڪ ٻئي کي، ڪيئن ٽا چمڪن.
تارَن جيان ڪر تصوُرُ توُن، ’نِردوشَ‘ اُجالو ايندو.
نيٺ سويرو ايندو....

***************

لفظن ۽ اِصطلاحن جي معنيٰ :

راهي - راهگيرِ.    ڏسائون - طرف.    تصوُرُ - خيالُ

✦ اڀياس ✦

سُوالُ ١:- هيٺِين سُوالَنِ جا جَوابَ ڏِيو:
١- شاعر ’’راهي‘‘ کي ڪهڙو آٿتُ ڏئي ٿو؟
٢- شاعر هِنَ بيت ۾ ڪهڙو آشاوادي ويچارُ ظاهرُ ڪيو آهي؟

سُوالُ ٢:- هيٺِين سُوالَنِ جا هڪ ٻن جملن ۾ جواب ڏيو :
١- شاعر ڪنهن وانگرُ تصوُرُ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟
٢- رات جي اُوندهہ ڪيرُ دوُر ڪندو؟
٣- سوُرجَ جا ڪرڻا ڇا ٿا ڪن؟

سوال ٣:- هيٺين لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ ڏيو:
غَمُ، سويرو، ڏُکُ، ڏيرجُ، اُجالو

***

# سبق ڏهون

## خَطُ



ساڌوُ واسواڻي نگرُ،
ٺاڻا، مُمبئي:
٢٠ ڊِسمبَر، ٢٠٠٨

پيارا پٽ اَميت،

تُنهنجو خَطُ ڪالهہَ مِليو. اِهو پڙهي خوشي ٿي تہ تو رانديُن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون اِنعام حاصُل ڪيو آهي، مونکي وِشواسُ آهي تہ جيئن تو رانديُن ۾ نالو ڪڍيو آهي تيئن پڙهڻَ ۾ پڻِ پنهنجو پاڻُ موڪيندين تُنهنجا اِمتحان پوُرا ٿِيَن، تَنهن کان پوءِ، جُدا جُدا

وشيُن تي، گيان وڌائڻ لاءِ ڪُجهه ڪِتابَ پڙهندو رهج.
اُنهن جي اَڀياسَ ڪرڻ سان تُنهنجو گِيانُ وَڌندو. ڀارت
جي پهرئين پرڌان منتريءَ پنڊت جَواهرلعلَ نهروءَ چيو
آهي، ''سُٺا ڪِتابَ اَسان جا دوستَ آهِنَ.''

سُريش، پڙهڻ سان گڏو گڏ اَسان لاءِ توري وَقتَ لاءِ
وِندُرَ ب ضَروُري آهي. ٽي ويءَ تي ڪيترائي پروگرام
ايندا آهن جي مَنورَنجَن سان گڏو گڏ اَسان جو گِيانُ
پڻ وَڌائيندا آهِن. خاصُ ڪَري تَعليم ۽ يوگا سيکارڻ
وارا پِروگرامَ ڏِسندو ڪَرِ. پنهنجي کاڌي پيتي ۽ صِحَتَ
جو خيالُ رَکندو ڪَرِ. صُبوحَ جو اُٿڻَ سان ۽ رات جو
سُمهڻَ وَقت پريوءَ کي پرارٿنا ضَرورُ ڪندو ڪَرِ.

وئڪيشن ۾ توکي وَٺڻَ ايِنداسين.

پيارن مان،
تُنهنجو پِتا.

لَفظَن ۽ اِصطلاحَن جي مَعنيٰ : ***************

نالو ڪڍڻ - نالو روشنُ ڪرڻ. گيانُ - ڄاڻ. وئڪيشنِ - موڪل

✦ اَڀياسُ ✦

سُوالُ ١- هيٺين جا هِڪَ ٻِنِ سٽُن ۾ جواب ڏِيو:

١- سُريشَ کي اِنعامُ ڇو مليو؟

٢- پَنڊَت جَواهرلَعلَ نَهروءَ سُٺَنِ ڪِتابَن لاءِ ڇا چَيو آهي؟

٣- جُدا جُدا وِشيُن تي ڪِتابَ پڙهڻُ ڇو ضروري آهِنِ؟

سُوالُ ٢- پِتا خَطَ ۾ پنهنجي پُٽَ کي ڪهڙي صَلاحَ ڏِني آهي؟
سُوالُ ٣- تَوهان هِنَ خَطَ جي موٽَ ۾ پِتا کي جَوابُ ڏِيو.

## وياڪرڻ

هيٺيان جملا ڌيان سان پڙهو:

١- مان شاگرد آهيان.

٢- هو اُهو ڪم ڪندو.

٣- مان ماستر ٿيندسُ.

٤- شنڪر سائيڪل هلائي ٿو.

٥- گيتا انب کاڌو.

٦- مون تڪليف سَني.

مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن مان ڪم جي هئڻ، ڪرڻ، ٿيڻ ۽ سهڻ جي معنيٰ نڪري ٿي. اهڙن لفظن کي 'فعل' چئجي ٿو. هيٺين جملن مان فعل يا ڪريائون ڳولهي لکو:

١- هوائي جهاز آسمان ۾ اُڏاميو.

٢- هرٽي ٻوڙي ٿي.

٣- ڇوڪريءَ سبق پڙهيو.

٤- ياونا خط لکي ٿي.

هيٺين جملن جي خالن ۾ ڏنگين مان برابر فعل چونڊي لکو:-

١- ڳانءِ ..............

٢- تون ڪڏهن ..............

٣- تون ڳُلَ نہ ..............

٤- مايا دري ..............

٥- تارا اُڀ ۾ ..............

(پٽ، چمڪن ٿا، رنيي ٿي، کولي، ايندي)

***

## سبق يارهون

# ڪمپيوٽر جي آتم ڪهاڻي



آءٌ هن يگ نئين ايجاد آهيان! مان ڪنهن هڪ وگيانيءَ جي مغز جي کوج ڪونہ آهيان، پر منهنجي ايجاد ۾ هزارن سائنسدانن جو گيان سمايل آهي. وگيانين جي ورهين جي ڪوشش بعد ئي مان گذريل صديءَ ۾ جنم ورتو آهي، جنهن ڪري مونکي ويهين صديءَ جو ڪمال ڪري مڃيو ويو آهي. آءٌ پنهنجي ڪهڙي وڏائي ڪريان! چوندا آهن تہ ڪنهنجي بہ چال سڀاءُ اُن جي ڪرم ۽ ڪارين مان پوندي آهي.

هاڻي اوهان منهنجا اَنوکا ڪم ۽ ڪمال جا ڪرتب ٻڌو. آءٌ ائين تہ ٽيڪنالاجيءَ جو هڪ باڪس آهيان، پر

جيڪو ڪجهہ بہ گيان منهنجي ياداشت اندر پريندا اُهو آءُ پنهنجي مانيٽر جي پردي تي هڪ ڪن پل ۾ ظاهر ڪري ڏيکاريندو آهيان. بس رڳو منهنجي هلائڻ لاءِ ٿورو هنر سکو پوءِ تہ مان هر هنر، ڪلا، حساب ڪتاب، تعليم عام واقفيت ۽ سکيا جا ڀرپور ڀنڊار ڏيئي سگهندس ۽ ڏيکاري پڻ سگهندس، ها، اگر مونسان گڏ منهنجو ٻيو هڪ ساٿي پرنٽر پڻ جوڙيندا تہ آءُ هرڪا خبرچار، حساب ڪتاب، انگ اکر سڀ ڪجهہ ڪاغذ تي لِکيت ۾ ڏيندس.

ساٿيو! آءُ نہ رڳو پنهنجو گيان ظاهر ڪري سگهان ٿو پر هر ڳالهہ ۽ سماچار سيني ۾ سانڍي رکي سگهان ٿو. وقت پوڻ تي توهان جي طلب ڪرڻ تي آءُ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي ياداشت مان صحيح سلامت پڻ ڏيئي سگهان ٿو. ڏسو آءُ آهيان نہ بلڪل ڪمال جو ماسٽر ڪامپيوٽر!

دوستو، آءُ حَقيقَتَ ۾ پنهنجي سِرِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڄاڻان. مونکي نہ ڪا ٻولي ايندي آهي، نہ ڪا تَعلِيمَ پرائي اَٿمِ ۽ نہ وري ڪي ڪتاب پڙهيا اَٿمِ. بس جيڪي ڪجهہ منهنجي يادگيريءَ ۾ آندو وڃي ٿو اِهو سڀ صاف سٺرو ۽ صحيح پيش ڪريان ٿو.

ڏسو جهڙي نموني ڪو جادوگر پنهنجي جادوءَ جي لِڪڙي ڦيرائي ڪمال جا کيل ڏيکاريندو آهي. نيڪ ساڳئي نموني آءُ بہ پنهنجي مائوُسِ جي چرپر سان ۽ ڪي بورڊ مٿان آڱرين جي هلچل سان سڀ ڪجهہ ڏيکاري سگهان ٿو.

آءُ پنهنجي پروگرام ۾ ڪڏهن غلطي يا ڀُلَ اَصل ڪونہ ڪندو آهيان، پر حقيقت ۾ مونکي هلائڻ وارو ماڻهو غلطي ڪندو آهي. ليڪن اُن غلطيءَ جو اِلزام مون تي لڳندو آهي تہ ڪامپيوٽر جي غلطي آهي!

حالانڪ آءُ اِنساني دماغ جي پيدائش آهيان پر مان سيني دِماغَنِ کي دَڳُ لڳايان ٿو. آءُ ڏاڍي ڪمائتي ايجاد ثابت ٿيو آهيان جنهن ڪري اَڄڪلهہ سيني دَفِتَرَنِ، ڪارِخانَنِ، اِسپتالن، اِسڪولن، ڪاليجن، ريلوي ۽ هوائي جهازن لاءِ تمام اُپيوگي آهيان.

اِنهن تمام گهڻين خوبين سبب منهنجو واڌپو وڌندو رهي ٿو. زندگيءَ جي هر موڙ تي مان ڪتب اَچان ٿو، ها، ڪڏهن مونکي ٻڻ وائِرَسِ جي بيماري اَچي وڃي ٿي پر جيڪڏهن مونکي صاف صفائيءَ سان رکندا، حفاظت سان هلائيندا تہ آءُ سدا توهان جي مرضيءَ موجب ڪم ڪندو رهندس ۽ اوهان جو خادم ٿي اوهان جي ڪم ايندس.

ها، آءُ برابر مهانگو آهيان. غريبن جو همراهہ ڪين آهيان. مون ۾ هزارين ڪلون ملي ڪري ڪم ڪن ٿيون اِنڪري منهنجي ڪرامت ۽ ڪاريہ اڳيان اِها ٻها سچ پچ گهٽي ڪين آهي. هاڻي وگيانين مونکي ليپِٽاپُ (Laptop) جي روپ ۾ ظاهر ڪيو آهي. جنهنکي هرڪو سولائيءَ سان کڻي ۽ استعمال ڪري سگهي ٿو. ٻيو تہ مون پاڻ سان گڏ اِنٽرنيٽ جو اِنقلاب پڻ آندو آهي. دنيا اندر ويبَ سائيٽ ۽ اي-ميل جهڙا اَچرج ڀريا ڪارناما مون ئي آندا آهن. هن ڪان پوءِ اَلائي ڇا ڇا ۽

ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرامتون آڻيندس! اِها خود مونکي بہ خبر ڪونہ آهي. اَڳتي ڏسو آءُ ڪهڙا ٿو رنگ رچايان.

هن دنيا جو اِتهاس پٿريگ کان شروع ٿيو. اُن کان پوءِ هنري يگ آيو، مشين جو يگ آيو، پولار يگ آيو مگر هاڻي هلي رهيو آهي منهنجو يگ يعني ”ڪامپيوٽر يگ“. آءُ وگيان جو وڏو چمتڪار آهيان! اِنساني عقل جو ڪَرِشمو آهيان! آءُ ڪامپيوٽر آهيان!!

نوان لفظ :- *************************

ڪرتب- ڪم. طلب - گهر. پولار - خال.

ڪرشمو - چمتڪار. اِلزام - ڏوهہ. حفاظت - بچاءُ، سنڀال.

بها - قيمت. خادم - نوڪر.

سوالُ ١- هيٺين سوالن جا جواب هڪ سٽ ۾ ڏيو:

١- هن يگ جي ڪهڙي نئين ايجاد آهي؟

٢- ڪنهنجي بہ جاءِ سڃاڻپ جا مان ملي ٿي؟

٣- ڪامپيوٽر پنهنجي پردي تي جا ڏيکاري سگهي ٿو؟

٤- ڪامپيوٽر ڪنهنجي معرفت خبرچار لکيت ۾ ڏيئي سگهي ٿو؟

٥- جادوگر جا جي وسيلي جادوءَ جا ڪرتب ڏيکاريندو آهي؟

٦- ڪامپيوٽر ڪنهنجي چرپر سان ڪم ڪري ٿو؟

٧- ڪامپيوٽر کي ڪڏهن ڪهڙي بيماري لڳي ٿي؟

٨- هن وقت دنيا اندر ڪهڙو يگ هلي رهيو آهي؟

سُوالُ ٢- هيٺ لکيل سوالن جا ٿوري ۾ جواب ڏيو:

١- ڪامپيوٽر کي ويهين صديءَ جو ڪمال ڇو مڃيو ويو آهي؟

٢- ڪمپيوٽر ڪهڙي نموني گيان وگيان جا پندار ڏيئي سگهي ٿو.

٣- ڪمپيوٽر جو واهپو ڇو وڌي رهيو آهي؟

سُوالُ ٣- هيٺين لفظن جا ضد ڏيو:

جنم، گيان، ڪمائتو، غلام، خوبي.

سوال ٤- ڪمپيوٽر تي ١٠، ١٥ جملا لکو:-

سوال ٥ - هيٺين جملن جي خالن ۾ صفتون وجهو :

١. هن شيشيءَ ۾ ........ مَسُ آهي.

٢. صبح جو هڪ ........ ٽئي ٿو.

٣. ڇوڪريءَ هڪ ........ راڳُ ٻڌايو.

٤. گهوڙي کي ........ ٽنگون ٿينديون آهن.

٥. نانيءَ اسانکي ........ آکاڻي ٻڌائي.

٦. سنديپ اِمتحان ۾ ........ نمبر آيو.

سوال ٦- صفتون لکو:-

اوندهه، سمجهه، پٿر، سنيال

***

# سبق ٻارهون

## وڻ پوکِيُون



دَرِ دَرِ وَڻَ پوکينداسين،
اَسين دَرِ دَرِ وڻ پوکِينداسين.

١- وَڻَ ڌَرِتيءَ جا ڳَهِڻا آهِنِ،
ٿَرَ - ٻَرَ کي سِينگارِن ٿاهِنِ.
قُدِرَتَ جي هِيءَ پِيارِي نَعمَتَ،
پائي جهولَ جَهلِينداسِين.
اَسين دَرِ دَرِ ..............

٢- ٻَرِکَ جي لڳندا وَرِکا ايندي،
ڌَرتيِ ڦَلَندي، اَنُ ڌَنُ ڏيِندي،
ٻَوندا مالَ مَڇيِ گاهنِ تي،
ٻَرِجي ياڳِيا ٿيِنداسين،
اَسين دَرِ دَرِ ..............

٣- وَڻَ تِنِ ديسَ جي دولتَ آهِنِ،
طاقَتَ مُلڪَ کي ٿا پهچائِنِ،
هيِ اِسراري ٻُجُهه ٻولهي،
اَسين خاڪَ مان سونُ وَٺيداسين.
اَسين دَرِ دَرِ ..........

٤- وَڻَ سُڄَ ۾ ٿا وَسَنوَ لَڳائِنِ،
آئي وئي کي ٿا سُکُ پهچائِنِ،
اهڙَن سَدِ اُپڪارِيُنِ جا،
اَسين شيواڌاري ٿينداسين.
اَسين دَرِ دَرِ ..........

نون لَفِظَن ۽ اِصطِلاحَنِ جي مَعنيِ: ***********

ڳهَڻا- زيورَ . ٿَرُ- زَمينَ . بَرُ- بَنُ، جهَنگلُ.
نَعمَتَ - سوَغاتَ، ملڪيت، مالُ- چوپايو مالُ.
بَرڪَ- دَرِخَتَ، وڻ. وَرڪا- وَرشا، بَرساتِ
مَچَنِ - طاقت حاصُل ڪرڻ. وَسَنوَ- ڇَهَلَ ڦَهَل.
ياڳيا - ساوا، سُکيا سَتابا، مالا مال،
خاڪَ مان سونُ وَٺِڻُ - مٽيءَ مان سوني پيدا ڪَرڻُ،
اُپڪاري - ڀلو يا اُپڪارُ ڪندڙُ

### ✦ اَپياسُ ✦

سُوالُ ١- هينين مان هرهِڪَ سُوالَ جو جوابُ هِڪَ ٻِن سِٽُنِ ۾ لِکو:
١- وَڻَ ڌَرتيءَ جا ڳَهِڻا ڇو ٿا سَڏِجَنِ؟
٢- وَڻَ ڪِٿي سينگارُ ڪَنِ ٿا؟

٣- برکَ لڳائڻَ سان ڪهڙا فائدا ٿيندا؟
٤- وڻَ پوکڻَ سان اَسين ڀَرِيا ڀاڳيا ڪيئن ٿينداسين؟
٥- وڻَ آئي وِئي کي ڪَهڙو فائدو ٿا پهچائِنِ؟
٦- ڪَوِي وڻنِ کي پَرَاُپڪارِي ڇو ٿو سڏي؟

**سوال ٢- جوڙا ملايو**

| | |
|---|---|
| (١) ڌرتي ڦلندي | (الف) ورکا ايندي |
| (٢) برک جي لڳندا | (ب) سُکُ پهچائڻ |
| (٣) آئي وئي کي ٿا | (ب) اَنُ ڏن |
| (٤) وڻ سڀ ۾ ٿا | (پ) وَسَنوَ لڳائڻ |

مشغولي:- ماستر صاحب شاگردن کي، برسات جي مند ۾، پنهنجي گهر جي آسپاس بوٽا لڳائڻ لاءِ چوي.

**وياڪرڻ**

هيٺين جملا ڏيان سان پڙهو:-
سنديپ اچي ٿو.
سنديپ آيو.
سنديپ ايندو.

پهرئين جملي ۾ فعل 'اچي ٿو'. اِهو ڏيکاري ٿو تہ اچڻ جو ڪم هينئر ٿئي ٿو. جڏهن فعل وارو ڪم هلندڙ وقت ۾ ٿئي ٿو تڏهن چئجي ٿو تہ اُهو 'زمان حال' ۾ ٿيو آهي.

ٻئي جملي ۾ فعل 'آيو' ڏيکاري ٿو تہ اچڻ جو ڪم گذريل وقت ۾ ٿيو آهي. جڏهن فعل وارو ڪم گذريل وقت ۾ ٿيل هجي تڏهن چئجي تہ اِهو 'زمان ماضيءَ' ۾ ٿيو.

ٽئين جملي ۾ فعل 'ايندو' ڏيکاري ٿو تہ اچڻ جو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيندو. جڏهن فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو هجي تڏهن چئجي تہ اِهو 'زمان مستقبل' ۾ ٿيندو.

***

## سبق تيرهون

# متيءَ جو ٻورو



هڪڙي هنڌ هڪڙي غريب وڏوا رهندي هئي. اُن کي هڪ ٻني هئي، جنهن جي اُپت تي پنهنجو پيٽ پاليندي هئي. هن جي ٻنيءَ جي ڀرسان هڪڙي وڏي ماڻهوءَ جو باغ هو. اُن وڏي ماڻهوءَ جي اِڇا هئي ته پنهنجي باغ کي وڌايان؛ تنهن ڪري اها ٻني اکين ۾ هئس. هو ڏن وارو ۽ بيئل ماڻهو هو، سو ڪنهن اٽڪل سان ٻني ڦٻائي ڇڏيائين.

هڪڙي ڏينهن اها وڏوا هن جي واٽ جهلي بيٺي رهي. جڏهن هو اتان اچي لنگهيو، تڏهن نماڻائيءَ سان ڪيس وينتي ڪيائين ته ”منهنجي وڏن جي ٻني، جا توهان هٿ ڪئي آهي، تنهن مان رڳو هڪ ٻورو متيءَ

جو ڪٽڻ ڏيو.

هن سوچيو تہ ان ۾ سندس ڪو نقصان ڪونهي. ٻلي تہ هن جي دل راضي ٿئي، سو هن کي چيائين تہ ”وڃي مٽيءَ جو ٻورو ٻيري ڪڍ.“ هن مٽيءَ جو ٻورو ڪٽي ٻيريو ۽ پوءِ انهيءَ وڏي ماڻهوءَ کي چيائين تہ ”جيئن مون تي ديا ڪري مٽيءَ جو ٻوري ڪٽڻ جي موڪل ڏني اٿو. تيئن ڪرپا ڪري اهو ٻورو ڪٽايوم.“

پڇريائين تہ وڏي ماڻهوءَ نهاريس بہ ڪين ۽ سمجهيائين تہ هيءَ ڪا چري ٿي ڏسجي، جو مون جهڙي ماڻهوءَ کي اهڙو ڪم ٿي ڏسي؛ پر ان وڏوا گهٽيون منٿون ڪيس ۽ جڏهن ڏنائين تہ هن مان جند نٿي ڇٽي، تڏهن هٿ وجهي ڪٽائڻ لڳس؛ پر اهو ٻورو هو ڳورو، سو چوري ڪين سگهيو. تڏهن چوڻ لڳس تہ ”مائي! منهنجي جاءِ نہ آهي، هي تمام ڳورو آهي ۽ مون کان نہ ٿو کڄي.“ تڏهن اها وڏوا واکو ڪري چوڻ لڳي تہ ”هان! هي تون ڪٽي نہ ٿو سگهين، پوءِ هيءَ سڄي ٻني، جنهن ۾ اهڙا لکين ٻورا ٿيندا، سا ڪيئن پاڻ سان ڪٽي ويندين؟ اِهي وچن هن جي من ۾ چڀي ويو ۽ گهڻو پڇتايائين. پوءِ ان وڏوا کان ڪميا گهري اها ساڳي ٻني ورائي ڪيس ڏنائين.

جڳتر ۾ انهيءَ ڏن واري ماڻهوءَ جهڙا گهڻا آهن، جي غريبن ۽ اناٿن جو مال تڪيندا آهن ۽ وجهہ لڳين تہ ڪٽي وڃن. پر ڀڳوان ڏاڍو آهي، انهيءَ کان ٻچڻ

گهرجي. انڌيري ۾ ڪُنياءُ هڻ ڪي نه وڻندو آهي. پنهنجي دل تي هٿ رکي، ٻين سان هلت ڪرڻ گهرجي.

سوال ١- هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو:

١) غريب وڏوا پنهنجو پيٽ ڪيئن پاليندي هئي؟
٢) وڏي ماڻهوءَ وڏوا جي ٻني ڪيئن ڦٻائي؟
٣) وڏوا وڏي ماڻهوءَ کي ڪهڙي وينتي ڪئي؟
٤) وڏوا جو ڪهڙو وچن وڏي ماڻهوءَ جي من ۾ چڀي ويو؟
٥) هن سبق مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

سوال ٢- هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌائي جملن ۾ ڪم آڻيو:

اُپت، ڦٻائڻ، چڀڻ، ڪميا، ڪُنياءُ

(ب) هيٺيان اصطلاح کولي سمجهايو:

اک ۾ هڻڻ، جند نه ڇٽڻ، دل تي هٿ رکڻ، مال تڪڻ.

نوان لفظ : *************************

اُپت- آمدني، ڪمائي. ڪميا- معافي.
ٻورو- ٻوڙ. جڳتر- دنيا ۾.

سوال ٥ (الف) - هيٺيان انگ اکرن ۾ لکو:

٦١، ٦٢، ٦٣، ٦٤، ٦٥، ٦٦، ٦٧، ٦٨، ٦٩، ٧٠

(ب) هيٺيان اکر انگن ۾ لکو:-

ايڪهتر، ٻاهتر، ٽيهتر، چوهتر، پنجهتر، ڇاهتر، ستهتر، انهتر، اُڻاسي، اسي.

* * *

## سبق چوڏھون

# بيربل جي سياڻپ



ناميارو اڪبر بادشاهه، بيربلُ کي سندس سياڻپ سبب ٻين مڙني وزيرن کان گھڻو وڌيڪ ڀانئيندو هو. هُو سندس ساراهه مان اصل ڪين ڍاپندو هو. انهيءَ ڪري بادشاهه جا ٻيا وزير هميشهه پيا پوسرندا هئا. هڪ ڏينهن بادشاهه کي چئي ڏنائون، ’جيئندا قبلا! اوهين سمجهو ٿا ته بيربل ڪانسواءِ دربار ۾ صفا اونده ٿي ويندي، سا ڳالهه هروڀرو برابر ناهي. اوهين بيربل کي موڪل تي اُماڻي اسانکي آزمائي ڏسو ته اسين به عقل جا صفا ڪورا نه آهيون.

بادشاھہ درٻارين جي ڳالھہ مڃي ۽ بيربل کي ڪجھہ وقت لاءِ درٻار ۾ اچڻ کان موڪل ڏني. ھڪَ ڀيري بادشاھہ ڪچھريءَ ۾ ويٺو ھو تہ اوچتو ڪا ڳالھہ سُجھي آيس. اِنھيءَ تي درٻارين کان سوال ڪيائين، ’ٻڌايو تہ اُھو ڪھڙو ڪم آھي جو مان ڪري سگھان ٿو، پر ڏاڍي نٿو ڪري سگھي؟‘ درٻاري سوال ٻڌي منجھي پيا، گھڻو دماغ ڊوڙايائون، مگر ڪنھن کي بہ برابر جواب ڪين سجھيو. درٻارين کي ھيئن ٻُت بڻيو ويٺو ڏسي، بادشاھہ کي ڪاوڙ لڳي. سندس جوش ڍرو ڪرڻ لاءِ ھڪ وزير، ھٿ ادب سان ٻڌي چيو، ’جھان پناه! معافي ملي تہ سچ چئي ڏيان.‘ بادشاھہ وٽان موڪل ملڻ تي وزير چيو، ’سائين ڏاڍي وڏي طاقت وارو آھي. ھوُ ڪجھہ بہ ڪري سگھي ٿو. اھڙو ڪوبہ ڪم ڪونھي جو ھوُ نہ ڪري سگھي.‘

اھو جواب ٻڌي بادشاہ مُرڪيو. وزيرن ڏانھن نھاريندي، ھن چيو، ’جواب ڏيئي نٿا سگھو نہ، بيربل کان سواءِ سچ پچ منھنجي درٻار ۾ اونده آھي. ھاڻي بيربل کي ماڻھو موڪلي، گھرائي ٿو وٺان. ڪانئس پڻ ھن سيا ۾ ساڳيو سوال پڇيو ويندو. ھو نہ په جواب ڏيندو. پوءِ اوھين پاڻ آمينُ ڏِسجو تہ بيربل جي سمجھہ ۽ سياڻپ کي ڇو ٿو ساراھجي؟

سپاھي ويو سو جھٽ بيربل کي درٻار ۾ وٺي آيو. بيربل کي درٻار ۾ وري آيل ڏسي، اَڪبر بادشاھہ سَرھو

ٿيو. جڏهن بادشاه کي جهڪي سلام ڪري، بيربل پنهنجي مقرر جاءِ تي ويٺو. تڏهن اڪبر اهو ساڳيو سوال، جو هُن ٻين وزيرن کان پُڇيو هو، سو بيربل کان پڻ پڇيو. بيربل منٽ اڌ سوچي چيو، ”مالڪ! اِهو تہ اوهان خود ڪري ڏيکاريو آهي.“ وزير وائڙا ٿي ويا. هنن ڪجھ ڪين سمجهيو. اڪبر بادشاھ هڪدم سمجهي ويو تہ بيربل جو ڪهڙو مطلب آهي. پر پنهنجن موڳن درٻارين کي سمجهائڻ لاءِ اڪبر بادشاھ چيو، ”بيربل، اڄ پرولين ۾ ڇو پيو ڳالهائين؟ چٽو ڪري ٻڌاءِ تہ آخر ڇا تو چوڻ گهرين؟“ بيربل انهيءَ تي ورندي ڏني، ”قبلا، اوهان مونکي بنا ڪنهن قصور جي ڪچهريءَ مان نيڪالي ڏيئي گهرِ اُماڻي ڇڏيو. اهڙي خطا اِنسان ڪري سگهي ٿو. ڍٽي اهڙو انرٿُ يا بي-انصافي ڪڏهن نٿي ڪري سگهي.“

هيءُ جواب ٻُڌي، وزير ۽ ٻيا درٻاري پنهنجي هلت تي ڏاڍو لڄي ۽ پشيمان ٿيا ۽ بيربل جي عقل ۽ سياڻپ کي ساراهڻ لڳا. بادشاھ کي منٿ ڪيائون تہ بيربل کي درٻار ۾ واپس گهرائي ڪيس جوڳي جاءِ ڏني وڃي.

نوان لفظ :- ************************

ناميارو- مشهور    عقل - سمجھ

ڪچهري- درٻار    خطا - غلطي

## ✦ اَڀياسُ ✦

سوال ١- هيٺين سوالن جا جواب لکو:-

١) بيربل ڪير هو ۽ اڪبر ڪيس ڇو گهڻو پائيندو هو؟

٢) درٻارين کي بيربل ڇو ڪين ٿي وڻيو؟

٣) اڪبر بادشاهہ وزيرن کان ڪهڙو سوال پڇيو؟

٤) وزيرن مان هڪ بادشاهہ جي سوال جو ڪهڙو جواب ڏنو؟

٥) بيربل ساڳئي سوال جو ڪهڙو جواب آڇيو؟

سوال ٢- هن سبق مان بيربل بابت اوهان کي ڪهڙي خبر پوي ٿي؟

سوال ٣- هيٺين لفظن جي معنيٰ ڏيئي، اُهي پنهنجن سِٽُن ۾ ڪم آڻيو:

سياڻپ، ساراهہ، عقل، منجهڻ، دماغ، مرڪڻ، پري سيا، آمينُ، پَرُوڙڻُ، کوپري.

سوال ٤- هيٺيان اصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو:-

ساراهہ جا ڍڪ پرڻ، سرهو ٿيڻ، پشيمان ٿيڻ، نهہ پهہ جواب ڏيڻ.

سوال ٥- ضد ڏيو:

سياڻپ، اوندهہ، ڏٽي، سخت

مشغولي:-

ماستر صاحب ٻارن کي چوي تہ گهر ۾ ڇترائي واريون ڪهاڻيون پڙهن ۽ ٻين کي بہ ٻڌائين.

## وياڪرڻ

هيٺيان جملا ڌيان سان پڙهو:-

١- ڪانءُ وڻ تي وينو آهي. ڪانويلي آسمان ۾ اُڏامي ٿي.

٢- ڪتو ڀونڪي ٿو. ڪُتي پاڻي پيئي ٿي.

٣- مور نچي ٿو، ڍيل ڏاڏا ڇڱي ٿي.

مٿين جملن ۾ ڪانءُ، ڪتو، مور نَر آهن. ڪانويلي، ڪتي، ڍيل مادي آهن. سڀ ساهوارا ٻن جنسن جا ٿين ٿا. نر کي ’جنس مذڪور‘ چئجي ٿو. ماديءَ کي ’جنس مونث‘ چئجي ٿو.

سوال - ١ هيٺين مذڪر جا مونث ڏيو:

ياءُ، پتا، راجا، نوڪر، ٻالڪ، پٽ

سوال - ٢ هيٺين مونث جا مذڪر ڏيو:

چاچي، ڪنوار، گهوڙي، ڪُڪڙي، ڏاڏي

سوال ٣- هيٺين جملن جا زمان سڃاڻو

١) پوجا مضمون لکيو.

٢) ڌرتي گول آهي.

٣) موڪي پنهنجو فوٽو ڏيڪار.

٤) رشميءَ سينڊل پاتو.

٥) راجو ڪولڪتا ويندو.

***

## سبق پندرهون

# سِنڌُ جي سيِتا - مارُئي



سِنڌ جي ملير ڳوٺ ۾ مارُئي ڄائي هئي. مائٽن هُن کي ننڍي هوندي ئي کڙمي جي پٽ کيت سين سان مڱائي ڇڏيو.

مارئي صورت جي سُهڻي هئي. ڦوڳسين نالي هڪ جوان مٿس موهتُ ٿي پيو. ڦوڳسين مارئيءَ جي پيءُ کي چيو، ”مان مارُئي سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.“ مارئيءَ جي پيءُ چيو، ”مارئيِ اڳ ۾ ئي مڱيل آهي. اسان ۾ مائٽي ٽوڙڻ جو رواجُ ڪونهي.“

ڦوڳسين کي خار لڳا. هن وڃي بادشاهه عمر سومري

کي ٻڌايو تہ مارئي سهڻي ڇوڪري آهي توهان اُن سان شادي ڪريو.

هڪ ڏينهن مارئي کوهہ تان پاڻي ڀري رهي هئي تہ عمر بادشاهہ کيس زوريءَ اُٺ تي چاڙهي ڀڄائي ويو!

عمر مارئي کي پنهنجي محل ۾ وهاري کيس کائڻ لاءِ سوادي طعام ۽ پائڻ لاءِ اُچا ريشمي ڪپڙا ڏنا، پر مارئيءَ چيس تہ تنهنجي محلات کان منهنجي جهوپڙي مونکي پياري آهي ۽ تنهنجي اُچن ڪپڙن کان مونکي پنهنجو سادو ڪتو سنو ٿو لڳي. مان توسان شادي هرگز ڪين ڪنديس.

عمر کيس ڏاڍو هرکايو پر مارئيءَ تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. هوءَ سيتا وانگر ست تي قائم رهي. عمر بادشاهہ هار مڃي ۽ مارئي کي چيائين تہ هاڻي سمجهہ تہ مان تنهنجي ڀاءُ سمان آهيان. پوءِ عمر کيس ڀيڻ بڻائي سندس شادي کيت سين سان ڪرائي ۽ جس کٽيو.

**نوان لفظ :-** ******************

طعام - سوادي کاڌا ، هرکايو - لالچايو

موهت ٿيڻ - فدا ٿيڻ هرگز - اصل نہ

✦ اَڀياسُ ✦

سوال .١- هيٺين سوالن جا جواب لکو:-

١) مارئي ڪٿي جائي هئي؟ ڪنهن سان مڱيل هئي؟

٢) ڦوڳسين کي ڇو خار لڳا؟ هن ڇا ڪيو؟

٣) مارئي کي ڪير پڇائي ويو ۽ ڇو؟
٤) عمر مارئيءَ کي ڪٿي رهايو ۽ ڪهڙي لالچ ڏني؟
٥) عمر آخر مارئي کي ڪيئن سين سان ڪيئن پرڻايو؟
سوال ٢- هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن:
١- ”اسان ۾ مائٽي ٽوڙڻ جو رواج ڪونهي.“
٢- ”تنهنجي اُچن ڪپڙن کان مونکي پنهنجو سادو ڪٿو ٿو سٺو لڳي.“
٣- ”هاڻي سمجهه تہ مان تنهنجي پاڻ سمان آهيان.“
سوال ٣- مارئيءَ بابت پنج سِٽون لکو.

## وياڪرڻ

هيٺيان جملا ڌيان سان پڙهو :

١- ڇوڪرو پڙهي ٿو — ڇوڪرا پڙهن ٿا
٢- گڏي نچي ٿي — گڏيون نچن ٿيون.

مٿين جملن ۾ ڇوڪرو ۽ گڏي معنيٰ ’هڪ ڇوڪرو‘ ۽ ’هڪ گڏي‘ آهي ڇوڪرا معنيٰ هڪ کان وڌيڪ ڇوڪرا ۽ گڏيون معنيٰ هڪ کان وڌيڪ گڏيون آهن. ڇوڪرو اڪيلو آهي ۽ گڏي بہ اڪيلي يا هڪ آهي. اهڙن اسمن کي ’عدد واحد‘ چئبو آهي.

اهڙي طرح ڇوڪرا ۽ گڏيون هڪ کان وڌيڪ آهن. اِهي ’عدد جمع‘ آهن.

هيٺين عدد واحد کي عدد جمع ۾ آڻيو :

راڻي - ٻلي - مئنا - ڇيلي

هيٺين عدد جمع کي عدد واحد آڻيو :

مٽڪا - جهرڪيون - ڪٽمنڙا - راتيون - ڪسرتون

***

سبق -١٦

# نِمرِتا

نمِرِتا جو پاٽ پڙهه تون ياٿي،
جنهن ۾ آ سچي زندگي سمائي.

١- نِمرِتا بنا، پل تون شاهوڪار هجين،
عهديدار، قابل، دلدار هجين.
نهٺائيءَ بنا اٿئي سڀ اِجائي،
نِمرِتا جو پاٽ پڙهه تون ياٿي،
جنهن ۾ آ سچي زندگي سمائي.

٢- ميودار وڻ ٿي نِميل رهي ٿو،
گڻوان اِنسان ٿي قُربدار رهي ٿو،
نہ ڪمزور جاڻ اُنکي تون ياٿي،
نِمرِتا جو پاٽ پڙهه تون ياٿي،
جنهن ۾ آ سچي زندگي سمائي.



۲- جن کئي ڏاڍائي، تن پاتي ڇائي،
مغرورن جي رهي نہ هستي ڪائي،
نِمرتا واري جي آ سيني سان رهائي رسائي،
نِمرتا جو پاٺ پڙهہ تون پائي،
جنهن ۾ آ سچي زندگي سمائي.

**نوان لفظ :**

| | |
|---|---|
| عهديدار - پد وارو | نمرتا وارو - نهينو |
| قابل - هوشيار | مغرور - گهمنڊي |
| دلدار - دل وارو | رهائي رسائي - پنهنجائپ |
| هستي - طاقت، شڪتي | ڏاڍائي - آڪار |

## ✦ اڀياس ✦

**سوال ۱) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :**

۱) اِنسان کي سچي زندگي گذارڻ لاءِ ڪهڙو پاٺ پڙهڻ گهرجي؟

۲) ڏاڍائيءَ جو ڪهڙو حال ٿئي ٿو ؟

۳) نِمرتا جو پاٺ ڪنهن کي پڙهڻ گهرجي ؟

۴) ڪهڙو وڻ سدائين نميل رهي ٿو ؟

۵) نِمرتا جي ڪنهن سان رهائي رسائي آهي ؟

**سوال ۲) هيٺين سوالن جو جواب پنڄن - ڇهين سٽون ۾ ڏيو :**

۱) اسان جي زندگيءَ ۾ نِمرتا جو پاٺ ڇو ڌارڻ گهرجي ؟

۲) ميويدار وڻ ئي نميل رهي ٿو، اُن مان ڪهڙي سکيا ملي ٿي ؟

۳) ڪوي، هن ڪويتا ۾ مغرورن لاءِ ڪهڙي نصيت ڏني آهي ؟

**سوال ۳) هيٺين لفظن جي معني ڏيئي، جملن ۾ ڪم آڻيو :-**

نِمرتا - قابل - عهديدار - نهڻائي - مغرور.

سوال ۴) هيٺين سٽن جي چٽيءَ طرح سمجهاڻي ڏيو :

جن ڪئي ڏاڍائي، تن پاتي ڇائي،
مغرورن جي رهي نہ هستي ڪائي،
نِمرتا واري جي آ سيني سان رِهائي رِسائي،
نِمرتا جو پاٺ پڙهہ تون يائي،
جنهن ۾ آ سچي زندگي سمائي.

سوال ۵) هيٺين لفظن جا اُبتي معنيٰ (ضد) وارا لفظ ڏيو :

(۱) دليدار (۲) نهٺائي (۳) شاهوڪار (۴) ڪمزور (۵) مغرور
(٦) سچائي (۷) هستي (۸) گٺوان.

سوال ٦) هيٺين لفظن جون صفتون ٺاهيو :

گڻ - قابلت - عهدو

### وياڪرڻ

**ٽورو دم**

**سوال ۱) : هيٺيان جملا ڏيان سان پڙهو.**

(الف) ۱) گوپال، تون اچ منهنجي گهر اچ.
۲) درياهہ شاهہ، جهوليلعل هر انسان تي مهربان آهي.

پهرين جملي ۾ گوپال کي سڏ ڪري ڪجهہ چيو ويو آهي ۽ ٽورو وقت بيهڻو ٿو پوي. ساڳئي نموني ٻئين جملي ۾ درياهہ شاهہ چوڻ کانپوءِ ڳالهائڻ وقت ٿورو وقت بيهڻو ٿو پوي. جنهن ڪري ٿورو دم ڏيڻو پوندو آهي.

ب) هيٺيان جملن ۾ ٿورو دم ڏيو.

۱) ٻالڪو سدائين سچ ڳالهايو.
۲) رام کي ڪيلو زيتون ۽ چڪون وڻندا آهن.
۳) شينهن هاٿي ۽ لومڙ وغيرهہ جهنگلي جانور آهن.
۴) سيتا گيتا ۽ رام شيام چوٿين درجو پڙهندا آهن.

***





مَھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نِرمِتي وَ اَڀياس ڪرم سَنشوڌن مَنڊَل، پُڻي.

Rs. 15.00

सिंधी (अरे.) सिंधुभारती इयत्ता-८वी